( گـل - ۴۲ )

## سماڌي وڻ جو اهارو



ستگورو جي ڪرپا جي هڪ
ڇڻڪ يا ڪوٽو، جيو کي ڀؤساگر
جي ڀؤ کان سدا جي واسطي مڪت
ڪري ڇڏيتو ۽ موڪش جو رستو
سولو ڪري، ڏک کي سک ۾ ڦيرائي ڇڏيتو. جيڪڏهن
پنهنجي هوند ۾ جي آسن تي، ستگوروءَ جي چرڻن جو
واسو تي وڃي ته ڪشت سڀ ناس ٿي ويندا ۽ جنم
مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو ملي ويندو. ان ڪري
ستگوروءَ جي الوڪڪ مڌر ليلائن جي امرت پيئڻ
سان، جيو جو ڪلياڻ ٿيندو ۽ بڌي شڌ ٿيندي.

ٻانڪو! اوهان هن کان اڳي باباجن جي جيون
ڪال جون ڪتائون پڙهيون آهن. هنيئر سندن نروان
ڪال جو بيان پڙهو. ۲۸ سپٽمبر ۱۹۱۸ تي باباجن کي
روازي بخار ٿيو، جو ۲-۳ ڏينهن هليو، تنهن کان پوءِ
باباجن ڀوجن ڪرڻ بلڪل تياڳي ڇڏيو، جنهن ڪري
سندن شرير روز ۾ روز نرمل ٿيندو ويو. (۱۷) ڏينهن
کانپوءِ ۱۵-آڪٽوبر ۱۹۱۸ تي اڍائي بجي، باباجن پنهنجو
شرير تياڳيو.

به سال اڳ ني، باباجن، ان باري ۾ (سنڪيت) اشارو ڏنو هو ۽ اسان کي سمجهه ۾ ڪين آيو. (اشارو-۱) وچين ڏسمبي جي ڏينهن، سنڌ يا جي سمي، جڏهن لوڪ حد اورانگهي موٽي رهيا هئا، ته باباجن اوچتوئي اوچتو ڪروڌ ۾ ني ويا ۽ متي تي بڌڻ وارو ڪپڙو، ڪفني ۽ لنگوٽي لاهي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻرندڙ ڌوڻيءَ ۾ ڪٽي ڦٽا ڪيائون، جنهن ڪري ڌوڻي ٻيڻي تيز ٻرڻ لڳي. ۽ ۽ بلڪل نڳن ۽ لعل اکين سان جوش ۾ واڪو ڪري چيائون ته ”اي لوڪو، هيڏانهن اچو، ۽ منهنجي نڳن شريرکي ڏسي نسچي ڪريو ته مان هندو آهيان يا مسلمان!“ سنگت جا سڀ ماڻهو ڏڪي رهيا هئا ۽ ڪنهن کي سنڌن ويجهو وڃڻ جو ساهس ڪين ٿيو. ٿوري وقت گذرڻ بعد، سنڌن ڪوڙهه ۾ ورتل ڀڳت ڀوڳاجي سنڌني سنڌن ويجهو ويو ۽ ڪنهن طرح سان باباجن کي لنگوٽي بڌي چيائين ته ”بابا، ڪهڙي ڳالهه آهي! ديوا! اڄ دسهڙي جو وڏو ۽ شڀ ڏينهن آهي.“

ان تي بابا پنهنجو سٽڪو (ڏنڊو) پٽ تي هڻي چيو ته ”هيءَ منهنجي حد پار ڪرڻ جي نشاني آهي.“ اٽڪل ۱۱ بجي تائين سنڌن ڪروڌ شانت ڪين ٿيو ۽ ڀڳتن سمجهيو ته چاوڙيءَ جو جلوس شايد نه ٿي نڪري. پر هڪ ڪلاڪ کانپوءِ باباجن وري پنهنجي

اڳئين سياءِ ۾ اچي ويا ۽ پوشاڪ پهري، چاوڙي جلوس ۾ شامل ٿيا، جنهن جو بيان، گل (٣٧) ۾ ڏنل آهي. مطلب ته مٿين گهٽنا ڌاران بابا جن سمجهايو ته جيئن ريکا پار ڪرڻ لاءِ، دسهڙو ئي سهاونو سمو آهي، پر اسان اهو اشارو اُن وقت ڪين سمجهو.

اشارو (٢) ڪجهه وقت گذرڻ ڪانپوءِ، رامچند پاٽيل گهڻو بيمار ٿي پيو ۽ ڏکو ڪشٽ ڀوڳي رهيو هو. دوائون ڪيون ويئون پر فرق ڪين نڪتو ۽ هو جيئڻ جي آشا لاهي، موت جو انتظار ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن اَڌ رات جو بابا اوچتو هن جي وهاڻي ڪان اچي بيٺو ۽ پاٽيل سندن چرنن ۾ ليٽي چوڻ لڳو ته ”مون جيئڻ جون سڀ آشائون لاهي ڇڏيون آهن، اوهين ڪرپا ڪري مونکي پڪيءَ طرح ٻڌايو ته منهنجا پراڻ ڪيڏي مهل ويندا.“ دَيا سندو بابا جواب ڏنس ته ”گهٻراءِ نه. تنهنجي هنڊي واپس ورتي ويئي آهي ۽ تون جلد ٺيڪ ٺاڪ ۽ نؤ بنو ٿي پوندين. مونکي صرف تاتيا جو ڀؤ آهي ته هن جو ١٩١٨ ۾ وجيه دشميءَ تي ديهانت ٿيندو. هي ڳجهه ڪنهن کي نه ڏج ۽ نڪي تاتيا کي ٻڌائج، نه ته هو وڌيڪ ڀئه ڀيت ٿي ويندو.“

رامچند ته جلد ئي ٺيڪ ٿي ويو مگر پاٽيل جي حياتيءَ مان آسرو لاهي ويٺو. هن کي پڪ هئي ته بابا جا وچن ڪڏهن به ڪوڙا ڪين ٿيندا ۽ ٻه سال پوءِ،

تاتيا هن سنسار مان موڪلائي هليو ويو، ٻيو رامچند مٿيون ڀيد (ڳجهه) فقط ٻالا شنپي ڀڳت کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به ڪين ٻڌايو. رامچند هاڻي بستري تان هلڻ چلڻ لڳو ۽ وقت ويو لڪڙو ٽي تڪڙو اُڏامندو. سنبت شاڪ ۱۸۴۰ جو بڊو مهنو پورو ٿيو ۽ اَسو مهنو شروع ٿيو، ته بابا جا وچن سچ نڪتا. تاتيا بيمار ٿي پيو ۽ بستري داخل ٿيو. سندس حالت اهڙي خراب ٿي ويئي جو بابا جي درشن ڪرڻ جي به طاقت مٿس ڪانه رهي.

هيڏانهن بابا کي به بخار ٿيو. تاتيا جو بابا تي وشواس هو ۽ بابا جو ڀڳوان تي وشواس هو، جو ئي سندس رکشڪ هو. تاتيا جي حالت اِنتظاريءَ جهڙي اَچي ٿي ۽ هو هند تي پاسو به ڦيرائي نٿي سگهيو، ته به واٽ سان بابا جو سمرڻ ڪندو رهيو. هيڏانهن بابا جي حالت به گنڀير ٿي ويئي ۽ بابا جي اِشاري واري وجيه دشمي ويجهو اَچي رهي هئي. اِهو ڏسي، رامچند ۽ بالا شنپي ٻئي گهٻرائجي ويا.

تاتيا جو ساهه ڏکي رهيو هو ۽ سندس بدن مان ڀڳهو جون ڏارائون پئي وهيون ۽ سڀني سمجهيو ته تاتا جاڻ ويو. جڏهن وجيه دشميءَ جو ڏينهن آيو ته تاتيا جي نبض بيهي ويئي ۽ ڪ اُن وقت، هڪ وچتر گهٽنا ٿي. تاتيا جي ساهه پر ساهه اچي پيو ۽ بابا جو شرير شانت

ٿي ويو! يعني ٻنهي هڪ ٻئي جي جاءِ مٽائي! سيٺيءَ لوڪ چوڻ لڳا ته ”باباجن، تاتيا جي حياتي بچائڻ لاءِ پنهنجا پراڻ تياڳيا آهن. پر ڪن ائين چيو ته بابا، پنهنجي انت ڪال جو اشارو، تاتيا جو نالو وٺي ڪيو هجي.

وجيہ دشميءَ جهڙي شڀ ڏينهن تي، باباجن لاءِ حد آورانگهڻ يعني ديهه تياڳڻ جو ڪم بلڪل اُچت (ٺيڪ) پيو لڳي. جيتوڻيڪ ٿورن ڏينهن کان ڏاڍي پيڙا ۾ پئي پيا هئا، پر انت گهڙيءَ تائين بلڪل سجاڳ هئا. ديهه تياڳڻ کان ٿورو وقت اڳ، پاڻيهي پاڻ اُٿي کــڙا ٿي ويٺا ۽ ڏسڻ ۾ بلڪل سرها پئي آيا ۽ لوڪن سمجهيو ته سنڪٽ ٽري ويو پر بابا کي ته خبر هئي ته تياري آهي، ان ڪري لڪشمي بائي شندي کي سڏي اچڻ جي اِڇا پرگهٽ ڪئي.

لڪشمي بائيءَ جي شيوا، باباجن ڪڏهن بہ نہ وساري. ديهه تياڳڻ کان ٿورو اڳ، باباجن پنهنجي کيسي مان پنج (٥) روپيا ڪڍي لڪشميءَ کي ڏنا ۽ وري ٻيا چار (٤) روپيا ڪڍي يعني ڪل (٩) نوروپيا لڪشميءَ کي ڏنا. نون (٩) جو انگ، نوڌا ڀڳتيءَ جي يادگيري ڏياري ٿو، جا لڪشمي ڀليءَ ڀانت ڪئي هئي. لڪشميءَ کي پنهنجو ڌن بـــ گهٽ نه هئو ته بـــ باباجن کيس ”سيما (حد) النگهن“ يعني ديهه ڇڏڻ وقت نو (٩)

روپيا ڏيئي، ڪيس اشارو ڪيو تہ ٽوڏا پڳتي پوري طرح پاليندي ڪج ۽ چيو تہ ڀاڳوند جي (١٠) ڏهين اڌياءَ جي سڪند ۽ ٻهرين پنجن شلوڪن ۽ پوءِ ڇهن شلوڪن جي پوري طرح پيروي ڪندي ڪج. لڪشمي ٻائيءَ اهي (٩) نَو روپيا ونئي ڇميا ۽ سندس چرنن تي متو ٽيڪيو.

لڪ ٻيءَ ڏينهن پرالهڪال جي داس گڻوءَ کي سپني ۾ درشن ڏيئي چيائون "تہ مسجد ٽڪاڪ ڏيئي ڪري رهي آهي. شرڌيءَ جا سڀ تيل جا واپاري مونکي ڪشٽ ڏيندا هئا، تنهن ڪري مون پنهنجو استان ڇڏي ڏنو آهي. مان توکي سوچنا ڏيڻ آيو آهيان تہ جلدي وڃي منهنجي شرير تي "بڪل جا گل" چاڙهہ."

پڳسہ داس گڻوَ کي پڻ شرڌيءَ مان موڪليل هڪ خط پهتو ۽ هو پنهنجن ششن کي ساڻ ڪري شرڌيءَ ۾ آيو ۽ بابا جي سماڌيءَ جي سامهون اکنڊ ڪيرتن ۽ هري نام جي ڌني شروع ڪيائين. هن خود گلن جي مالها ٺاهي، ايشور جو نالو وٺي، سماڌيءَ تي چاڙهي ۽ پوءِ بابا جي نالي تي هڪ وڏو لنگر پڻ ڪيو ويو.

لڪشمي ٻائي هڪ اوچي ڪل جي زال هئي ۽ مسجد ۾ بابا جي ڏينهن رات سيوا ڪندي هئي. لڪشمي ٻائي، ڀاڳيا، مهالساپتي ڪانسوا، رات جو مسجد



جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ جي ڪنهن کي ٻه جرئت نه ٿيندي هئي.

هڪ ڏينهن سنڌيا جي وقت، جڏهن بابا، ٽاٽيا سان گڏ مسجد ۾ ويٺا هئا تڏهين لڪشمي بائيءَ اچي نمسڪار ڪيو ته باباجن چيو ”لڪشمي، مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي.“ اهو ٻڌي لڪشميءَ يڪدم چيو ”باباجي، ٿورو ترسو، مان اوهان لاءِ روٽي کڻي ٿي اچان“ ۽ اک ڇنڀ ۾ روٽي ۽ ساڳ آڻي بابا جي اڳيان رکيائين ته بابا اهو ڀوڄن هڪ بکئي ڪتي کي کڻي ڏنو ۽ پاڻ هڪ گرهه ٻه وات ۾ ڪين وڌائون!

لڪشمي چيو ته ”بابا هيءَ ڇا؟ مان اوهــان لاءِ وڃي روٽي ٺاهي کڻي آيس، پوءِ اوهــان ڪتي کي ڇو ڏني؟“

بابا چيو ته ”اجايو سوچ نه ڪر. ڪتي جي بـــک شانت ڪرڻ، منهنجي بک شانت ڪرڻ جي برابر آهي.“ ڪتي ۾ به ته آتما آهي. پراڻي ڀلي کهڙين به صورتن ۽ شڪلين ۽ روپن ۾ هجن، انهن مان ڪي ٻولي سگهن ٿا ۽ ڪي گونگا آهن مگر ٻنهي ڪــي وات هڪجهڙو آهي. سچ سمجهه ته جيڪو بکئي کي ڀوڄن ڪرائي، تون اهو يقين ڪر، مونکي ئي ڀوڄن ڪرائي ٿو.“

هي سادارڻ گهٽنا ذريعي، بابا هڪ وڏي آتمڪ سچ جي سکيا پردان ڪئي، ته ڪنهن جي ڀاونا (دل)

کسي ڪشت پهچائڻ بنا، روزانو وهنوار ڪين ڪري سگهجي ٿو. آن ڪانپور ۾ لڪشمي بائي، هو روز ٻپهر ۾ شرڌا سان، کيرو روٽي ۽ ٻيو ڀوڄن بابا کي ڏيندي هئي، جنهن مان ڪجهه کائي، باقي لڪشمي ۾ هٿان، راڌا ڪرشن مائي ۾ وٽ موڪليندا هئا، جا آن کي بابا جو موڪليل ٻوڙ ”سيت پرساد“ ڪري کائيندي هئي.

باباجن آنت سمي، پورڻ ساوڌاني ۾ ڪان ڪم ورتو. متان سڀني من کنهن ڀڳت جي ٻپهر، ممتا يا موهه ۾ اٽڪي پوي، ان ڪري سڀني کي آئان هٽائي ڇڏيائون. ڪاڪا صاحب ديکشت، باپو صاحب ٻوٽي ۽ ٻيا، جي ڏينهن رات باباجن جي سيوا ڪندا رهندا هئا، آنهن سڀني کي چيائون ته واڙي ۾ ۾ وڃي ڀوڄن ڪريو. اڄو. هنن جي بابا کي بلڪل اڪيلي ڇڏي وڃڻ جي مرضي ڪانه هئي پر سندن آگيا جو اُلنگهن نٿي ڪري سگهيا ۽ تمام لاچار ٿي ڀوڄن ڪرڻ ويا.

ڪين خبر هئي ته باباجن جي حالت بلڪل گنڀير ۽ چنتا جنڪ آهي ته ٻه سٽ وڃن ڇٽي ڀوڄن ڪرڻ ويا. جئن اِلي کائڻ لاءِ ويٺا ته متان باباجن جي ديهه تياڳڻ جي خبر مليئن. سڀئي ڪاڏو آڏ ۾ ڇڏي مسجد ڏانهن ڊوڙندا آيا ۽ اچي ڏٺائون ته باباجن، بالا جي ڀڳت جي گود ۾ سدائين لاءِ وشرام ڪري رهيا آهن.

سنت پنهنجي اِڇا اَنوسار ديهه ڌار ڻ ڪري اوچتو سنسار ۾ ايندا آهن ۽ اِڇا اِنوسار ئي اوچتو ديهه ليا ڳي هليا ويندا آهن.

"ڪبير سنت مُئي ڪيا روئيئي،
جو اَپني گرهه جاءِ."

(گوروا ڻي)